# رمضان کي
# خوش آمديد چئو



25-May-2017

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# رمضان کي خوش آمديد چئو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي مالڪ ومختار، جنابِ احمدِ مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: جيڪو مون تي دُرود پڙهندو آهي، ان جو دُرود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندو آهيان ۽ ان جي عِلاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن. (معجم اوسط ،من اسمہ احمد،۱/ ۴۴۶،رقم: ۱۶۴۲)

گندے نکمّے کمین مہنگے ہوں کوڑی کے تین
کون ہمیں پالتا تم پہ کروروں درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضانُ المبارڪ جي آمد آمد آهي، رَمَضَان جي فَيضَان جا ڳالهه ڪجي! ان جي ته هر گهڙي رَحمت ڀري آهي. هن مهيني ۾ اَجر ۽ ثوا ب گهڻو وڌي ويندو آهي، نَفل جو ثواب فَرض جي برابر ۽ فَرض جو ثواب ستّر ڀيرا وڌايو ويندو آهي. هن مُبارڪ مهيني جو هر ڏينهن ۽ هر رات پنهنجي اندر بي شُمار بَرَڪتون رکندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هن مُبارڪ مهيني جو خوب خوب فيضان ماڻڻ جي توفيق عطا فرمائي، اي ڪاش! اسان سمورا روزا ظاهري ۽ باطني آداب سان رکڻ ۽ خشوع و خضوع سان فرض

www.dawateislami.net

نمازون، نفل ۽ نمازِ تراويح ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، تلاوتِ قرآنِ ڪريم جو خوب جذبو نصيب ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”فَيضَانِ فاروقِ اَعظم“جلد 2 صفحي 70 تي امير المومنين حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو رمضان المبارڪ ۾ نيڪين جي ترغيب تي مشتمل ايمان افروز خطبو موجود آهي. اچو! اهو خطبو ٻڌو ۽ خوب خوب نيڪيون ڪري رمضان المبارڪ کي خوش آمديد چئو، جيئن تہ

## اِستِقبالِ رَمَضَان بابت نصيحت ڀريو خطبو

حضرت سيدُنا عبدُالله بِن عُڪيم جُهَنِي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ جڏهن رمضان المبارڪ ايندو هو تہ امير المومنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ پهرين رمضان المبارڪ جي رات نماز مغرب کان پوءِ ماڻهن کي نصيحت ڀريو خطبو ڏيندي ارشاد فرمائيندا هئا: اي انسانو! بيشڪ هن مهيني جا روزا توهان تي فرض ڪيا ويا آهن، البت هن ۾ نفلن جي ادائيگي فرض نہ آهي، تنهنڪري جيڪو بہ نفل ادا ڪرڻ جي استطاعت رکندو هجي تہ ان کي گهرجي تہ هو نفل ادا ڪري ڇوتہ هي اهي بهترين نفل آهن جنهن جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ اِرشاد فرمايو آهي ۽ جيڪي نفل جي ادائيگي جي اِستطاعت نٿا رکن ان کي گهرجي تہ سمهي رهي. توهان مان هر ڀانهو هي چوندي ڊڄي تہ جيڪڏهن فلاڻو شخص روزو رکندو تہ مان روزو رکندس، ۽ جيڪڏهن فلاڻو شخص نفل ادا ڪندو تہ مان بہ نفل پڙهندس. جيڪو بہ روزو رکي يا نفل ادا ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪري . توهان مان هر شخص کي اها ڳالهہ معلوم هئڻ گهرجي تہ جيستائين هو نماز جي انتظار ۾ هوندو آهي حقيقت ۾ نماز ئي ۾ هوندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر ۾ فضول ڳالهيون ڪرڻ

www.dawateislami.net

ڪان بچندا رهو. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ 3 ڀيرا هي ارشاد فرمايو: خبردار! توهان مان ڪو بہ هن مبارڪ مهيني کي فضول نہ گذاري، جيستائين چنڊ نہ ڏسي وٺو ان وقت تائين روزو نہ رکو جيڪڏهن چنڊ (Moon) مشڪوڪ ٿي وڃي تہ ٽيهہ (30) ڏينهن پورا ڪريو ۽ جيستائين اونداهي (يعني سج جي لهڻ جو يقين) نہ ٿئي ان وقت تائين افطار نہ ڪريو. (فيضانِ فاروقِ اعظم،۲/۷۰)

**اي عاشقانِ رمضان!** ڏٺو اوهان تہ حضرت سَيِّدُنا فاروقِ اعظمرَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ماهِ غُفران جي اهميت ۽ فضيلت سان ڪيتري قدر واقف هئا ۽ هن نُور بار مهيني کان ڪيتري والهانہ عقيدت ۽ محبت ڪندا هئا تہ جيئن ئي هي مبارڪ مهينو جلوه گر ٿيندو هو تہ سندن خوشي جي انتها نہ رهندي هئي، پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ آمدِ رمضان تي نہ صرف پاڻ نيڪين ۾ مشغول ٿيندا هئا بلڪ مسلمانن ۾ عبادت جو ذوق و شوق بيدار ڪرڻ جي لاءِ انهن کي بہ هن مقدَّس مهيني ۾ اخلاص سان ۽ ڪثرت سان نفلي عبادت جي ترغيب ڏياريندا هئا ۽ آمدِ رمضان جي پُرنور موقعي تي چراغان جي ذريعي مسجدن کي روشن ڪرڻ بہ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي مبارڪ معمولات ۾ شامل هو جيئن تہ حضرت سيدُنا ابو اسحاق همداني رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: امير المؤمنين حضرت سيدُناعلي المرتضيٰ، شيرِخدا كَرَّمَ اللہ تَعَالٰی وَجْهَه الْكَرِيم رَمضانُ المبارڪ جي پهرين رات (First Night) ٻاهر نڪتا تہ ڏٺائون تہ مسجدن تي فانوس چمڪي رهيا آهن ۽ ماڻهو ڪتابُ اللّٰه جي تلاوت ڪري رهيا آهن. هي ڏسي پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جن ارشاد فرمايائون: نَوَّرَاللهُ لِعُمَرَ فِيْ قَبْرِهٖ كَمَا نَوَّرَ مَسَاجِدَ اللهِ تَعَالٰى بِالْقُرْاٰنِ يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ امير المؤمنين حضرت سَيِّدُنا عمر فاروقِ اعظمرَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي قبر کي ائين ئي منوَّر ڪري جيئن پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ (رمضانُ المبارڪ ۾) مسجدن کي قرآن سان منوَّر ڪيو. (فيضان فاروق اعظم،۱/۷۳۵)

**تنهنڪري** اسان کي گهرجي تہ اسان بہ هن مقدَّس مهيني کي عظيم الشان طريقي سان خوش آمديد چوڻ جي تياري شروع ڪريون، ان کي فضوليات ۽

غفلت ۾ گذارڻ بدران اخلاص سان نيڪ عمل مثال طور فرض ۽ واجب، سنن ۽ مستحب، نفل، ذڪرواذڪار، تلاوتِ قرآن، زڪوٰة و فطرات، صدقو ۽ خيرات، عُشر وعطيات، تهجد، اشراق و چاشت، غريبن ۽ مسڪينن جي اِمداد، شب بيداري، توبہ و استغفار ۽ دعا و مناجات، دُرُود و سلام جي ڪثرت، حمد و نعت ۽ منقبت، مدني حلقا، درسِ فيضانِ سنت، هفتيوار سُنتن پري اجتماعات، مدني مذاڪرن ۾ شرڪت، مدني چينل (Madani Channel) تي نشر ٿيڻ وارا سلسلا ڏسڻ ۽ دعوتِ اسلامي جي تحت مختلف مسجدن ۾ ٿيڻ واري سڄي مهيني يا آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي سعادت سان فيضياب ٿيڻ جهڙي نيڪين ۾ مشغول رهون بلڪ هر اهو نيڪ ۽ جائز ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مَحبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّہ عَنِ الْعُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا هجي. اسان جا پيارا پيارا ۽ منا منا آقا، بنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ هن مبارڪ مهيني جي ايندي ئي عِبادتِ الٰهي ۾ تمام گهڻو مشغول ٿي ويندا هئا جيئن،

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عبادت لاءِ تيار ٿي ويندا هئا

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون،”جڏهن **رمضان جو مهينو** ايندو هو تہ منهنجا سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي لاءِ تيار ٿي ويندا هئا ۽ پورو مهينو پنهنجي بستري تي تشريف نہ آڻيندا هئا.“ (الدرالمنثور ج 1 ص 449) وڌيڪ فرمائن ٿيون تہ جڏهن رمضان جو مهينو تشريف ڪٽي ايندو هيو تہ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافعِ امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رنگ مبارڪ تبديل (يعني ڦڪو) ٿي ويندو هيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز جي ڪثرت فرمائيندا ۽ خوب روئي روئي دعائون گهرندا هئا، ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي طاري رهندو هو.

www.dawateislami.net

## شب بيداري ڪندا هئا

**امام العابدين**،سيدُ الساجدين نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان شريف خاص ڪري آخري عشري ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عبادت تمام وڌي ويندي هئي، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي رات بيدار رهندا هئا ۽ گهر وارن کي نمازن جي لاءِ جاڳائيندا هئا ۽ عموماً اعتڪاف پڻ ڪندا هئا . نمازن سان گڏ ڪڏهن بيهي تہ ڪڏهن ويهي، ڪڏهن سجدي جي حالت ۾ نهايت آه ۽ زاري ۽ ٻاڏائي راتين جو دعائون بہ گهرندا هئا، رمضان شريف ۾ حضرت جبريل عَلَيهِ السَّلَام سان گڏ قرآنِ عظيم جو دور بہ ڪندا هئا ۽ تلاوتِ قرآن سان گڏ طرح طرح جي مختلف دعائن جو ورد بہ ڪندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سڄي رات نمازن ۾ بيهي رهندا هئا ايستائين جو مبارڪ قدمن ۾ سُوج ٿي ويندي هئي. (سيرت مصطفے،ص۵۹۶ ملخصاًبتغير)

عاصيوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام　　جھوم جاؤ مجرمو رمضاں مہہِ غفران ہے
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۷۰۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر سوالي کي عطا ڪندا هئا

هن مبارڪ مهيني ۾ گهڻو صدقو ۽ خيرات ڪرڻ بہ سنّت آهي. جيئن تہ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا،” **جڏهن رمضان جو مهينو ايندو** هو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هر قيديءَ کي آزاد ڪري ڇڏيندا ۽ هر **سائل (يعني سوالي) کي عطا فرمائيندا هئا.** “ (درمنثور،۱/۴۴۹)

## سڀ کان وڏا سخي

**حضرت سيّدُنا عبدالله ابنِ عبّاس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا روايت فرمائن ٿا: ”رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن ۾ **سڀني کان وڌيڪ سخي آهن** ۽ سندن سخاوت جو

www.dawateislami.net

درياءُ سيپ کان وڌيڪ ان وقت جوش ۾ ايندو هيو، جڏهن **رمضان** ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان جبرئيل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا. جبرئيل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام (رمضان مبارڪ جي) هر رات ۾ ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا ۽ رسولِ ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ساڻن گڏجي قرآنِ عظيم جو دور فرمائيندا هئا.” مطلب تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تيز هلڻ واري هوا کان بہ وڌيڪ خير (يعني ڀلائي) جي معاملي ۾ سخاوت فرمائيندا هيا. (بخاري،ڪتاب،باب،۹/۱،حديث:۶)

هاتھ اٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم

ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم

**پياري** آقا، مديني واري مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا ديوانو! ڏٺو اوهان تہ اسان جي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله جي مهمانِ يعني رمضان سان ڪيتري محبت هئي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري عظيم الشان طريقي سان هن مهيني کي خوش آمديد (Welcome) چوندا هئا جيئن ئي رمضان شريف جو بابرڪت مهينو تشريف فرما ٿيندو هو تہ عبادتن ۾ پهريان کان وڌيڪ اضافو ڪندا هئا. يقيناً پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ معصومن ۽ عبادت گذارن جا بہ سردار آهن پر ان جي باوجود هن مهيني جي شان ۽ عظمت ۽ اُمّت جي تعليم خاطر سڄو مهينو بسترِ منوَّر تي تشريف نہ آڻيندا هئا بلڪ مسلسل عبادتِ اِلٰهي ۾ مشغول رهندا هئا. اي ڪاش تہ اسان گناهگارن جي ناقص عقل ۾ بہ رمضانُ المبارڪ جي اهميت پڪي ٿي وڃي ۽ اسان بہ هن مهيني ۾ نيڪيون گڏ ڪري پنهنجي پاڻ کي جهنم کان نجات ڏيارڻ ۽ جنت جو حقدار بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، اچو! هن عظيمُ الشَّان مهيني جي اهميت ۽ فضيلت پنهنجي دل ۾ وڌائڻ ۽ هن مهيني ۾ نيڪين جو جذبو ماڻڻ جي نِيت سان بہ 2 ارشاداتِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو ۽ هينئر کان نيڪين لاءِ تيار ٿي وڃو . جيئن

www.dawateislami.net

## بهترين مهينو

1. ارشاد فرمايائون: توهان وٽ اهڙو مهينو آيو آهي جنهن کان بهتر ڪو مهينو مومنن وٽ ناهي آيو ۽ منافقن تي هن کان سخت مهينو ڪوئي ناهي ۽ بي شڪ الله تعاليٰ هن جا نفل ۽ ان جي ثواب کي شروع ٿيڻ کان پهريان لکندو آهي ۽ ڪو شڪ ناهي تہ مومن ۾ هن مهيني ۾ عبادت جي قوت موٽائي ويندي آهي ۽ منافق ۾ غفلت، مومن جي لاءِ هي مهينو غنيمت ۽ منافق جي لاءِ بوجهہ آهي۔ (شعب الايمان،۳/۳۰۴، مسند احمد،۲/۵۲۴)

## ڪاش ! سڄو سال رمضان ئي هجي

2. ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن ماڻهن کي معلوم هجي ها تہ رمضان ڇا آهي تہ منهنجي امت تمنا ڪري ها تہ ڪاش! سڄو سال رمضان ئي هجي. (ابن خزيمه،۳/۱۹۰،حديث:۱۸۸۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ رمضان جي شان ۽ عظمت ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نهايت اَرفع ۽ اَعليٰ آهي اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مهيني ۾ هر پاسي پُرڪيف نظارا هوندا آهن، مسجدن جي رونق وڌي ويندي آهي، مسلمان نماز روزي جي پابندي شروع ڪندا آهن، شوقِ تلاوت ۽ ذوقِ عبادت وڌي ويندو آهي، صدقو ۽ خيرات سان غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪئي ويندي آهي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سعادت مند مسلمان هن مهيني جي تشريف آوري ٿيندي ئي ان کي غنيمت سمجهندي نيڪ ڪمن ۾ مشغول ٿي ويندا آهن ڇاڪاڻ تہ هي اهو مبارڪ مهينو آهي جو جنهن ۾ عبادتن جو اَجر ۽ ثواب ڪيئي ڀيرا وڌايو ويندو آهي. جيئن

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”رمضان جي مهيني ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ هڪ هزار (1000) ڏينهن جي روزن کان افضل آهي ۽ رمضان جي مهيني ۾ هڪ ڀيرو تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله چوڻ) هن

www.dawateislami.net

مهيني کان علاوه هڪ هزار (1000) ڀيرا تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله چوڻ) کان افضل آهي ۽ ماهِ رمضان ۾ هڪ رڪعت پڙهڻ رمضان جي علاوه هڪ هزار (1000) رڪعتن کان افضل آهي. (درمنثور،۱ /۴۵۴)

جڏهن تہ ٻئي پاسي ٿا ڏسون تہ اسان جو حال هي هوندو آهي تہ بخشش ۽ مغفرت سان مالا مال هن روحاني مهيني کي بہ عام مهينن جيان مال ۽ دولت گڏ ڪرڻ، ڪاروبار چمڪائڻ، بينڪ بيلنس (Bank belance) وڌائڻ، لُوٽ مار مچائڻ، پتنگ بازي، ڪبوتر بازي، ڪرڪٽ، هاڪي، فٽبال، ٽينس، تاش، شطرنج، لڊُو، ڪيرم، اسنوڪر، وڊيو گيمز، موبائل ۽ انٽرنيٽ جي غلط استعمال ۽ بازارن ۾ گُهمڻ ڦرڻ ۾ وڃائيندا آهن، خاص ڪري رمضان جو آخري عشرو ڪاروباري طبقي جي لاءِ ڪنهن نعمت ۽ غنيمت کان گهٽ ناهي هوندو. اڳ جي مسلمانن ۾ رمضان ۾ عبادتون ڪرڻ جو جذبو تمام گهڻو ڀريل هو ۽ هو هن مقدَّس مهيني ۾ ڪثرت سان عبادتِ الٰهي ڪندا هئا تہ جيئن وڌ کان وڌ قربِ خداوندي حاصل ڪري سگهجي. اچو! ترغيب طور هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جي سُستي پري ٿئي ۽ عبادت جو ذوق و شوق نصيب ٿئي. جيئن

## عبادت گذار خادم

حضرت سيدُنا محمد بن ابي فَرَج رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: مون کي رمضان جي مهيني ۾ هڪ خادم (نوڪراڻي) جي ضرورت پئي جيڪا اسان کي کاڌو تيار ڪري ڏئي، مون بازار ۾ هڪ خادم کي ڏٺو جنهن جي گهٽ قيمت ۾ بولي ڏني وئي پئي، ان جو چهرو پيلو، بدن ڪمزور ۽ جِلد خشڪ هئي. مون ان تي ترس کائيندي ان کي خريدي گهر آندو ۽ چيو: ٿانوَ کڻ ۽ رمضان جي ضروري شين جي خريداري جي لاءِ مون سان گڏ بازار هل. تہ هوءِ چوڻ لڳي: اي منهنجا آقا! مان تہ اهڙن ماڻهن وٽ هئيس جنهن جو سڄو عرصو رمضان

www.dawateislami.net

هوندو هو. ان جي اها ڳالهه ٻڌي مان سمجهي ويس ته هي ضرور الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهي هوندي. هوءَ رمضان ۾ سڄي رات عبادت ڪندي هئي ۽ جڏهن آخري رات آئي ته مون ان کي چيو: عيد لاءِ ضروري شين کي خريدڻ جي لاءِ اسان سان گڏ بازار هل. ته هو پڇڻ لڳي: اي منهنجا آقا! عام ماڻهن جون ضرورتون خريد ڪندو يا خاص ماڻهن جي؟ مون ان کي چيو: پنهنجي ڳالهه جي وضاحت ڪر؟ ته ان چيو: عام ماڻهن جي ضرورت ته عيد جا مشهور ڪاڏا آهن جڏهن ته خاص ماڻهن جي ضرورت مخلوق کان جدا ٿيڻ، خدمت جي لاءِ فارغ ٿيڻ، نفل جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ جو قُرب حاصل ڪرڻ ۽ عاجزي ۽ انڪساري ڪرڻ آهي. هي ٻڌي مون چيو: منهنجي مراد کاڌڻ لاءِ ضروري شيون آهن. ان وري پڇيو: کهڙو کاڌو؟ جيڪو جسمن جي غذا آهي يا دلين جي؟ ته مون چيو: پنهنجي ڳالهه واضح ڪر؟ ته ان مون کي ٻڌايو: جسمن جي غذا ته معروف کاڌو ۽ خوراڪ آهي جڏهن ته دلين جي غذا گناهن کي ڇڏڻ، پنهنجا عيب دُور ڪرڻ، محبوب جي ديدار سان لُطف اندوز ٿيڻ ۽ مقصد جي حصول تي راضي ٿيڻ پر انهن شين جي لاءِ تڪبر ڇڏڻ، مولیٰ عَزَّوَجَلَّ ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ ظاهر ۽ باطن ۾ ان تي ڀروسو ڪرڻ ضروري آهي. پوءِ اها ٻانهيءَ نماز جي لاءِ بيهي رهي، ان پهرين رڪعت ۾ تمام سوره بقره پڙهي، پوءِ سوره اٰلِ عمران شروع ڪئي، پوءِ هڪ سورت ختم ڪري ٻي سورت شروع ڪندي رهي ايستائين جو سوره ابراهيم جي هن آيت تائين پهچي وئي:

يَّتَجَرَّعُهٗ وَ لَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَ يَاْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّ مَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَ مِنْ وَّرَآىٕهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿۱۷﴾ (پ۱۳،ابراهيم:۱۷)

**ترجمو ڪنز الايمان:** سخت مشڪل سان ڍڪ ڍڪ ڪري ان کي پئيندو ۽ نڙي کان هيٺ لهڻ جي اميد ڪا نه هونديس ۽ کيس هر طرف کان موت ايندو پر مرندو ڪو نه ۽ ان جي پٺيان هڪ سخت عذاب آهي

پوءِ اها روئيندي انهيءَ آيت جو تڪرار ڪندي رهي ايستائين جو بي

www.dawateislami.net

هوش تي زمين تي ڪري پئي جڏهن مون ان کي هلايو ته ان جو رُوح قَفَسِ عُنصري مان پرواز ڪري چڪو هو. (اها حڪايت نقل ڪرڻ کان پوءِ شيخ شعيب حَرِيفِيش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا:) سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلّ! هي انهن ماڻهن جون خوبيون آهن جنهن پنهنجن چهرن کي غم جي لڙڪن سان ڌوتو آهي، ذڪرِ الٰهي ۽ تلاوتِ ڪلامِ باري تعاليٰ سان راتين ۾ پنهنجي اکين کي بيدار رکيو ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پنهنجن قدمن تي بيٺل رهيا ۽ چڱا عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. پوءِ انهن جي هر گهڙي رمضانُ المبارڪ جي مبارڪ ساعتن جهڙي آهي. (حڪايتين ۽ نصيحتين،ص٩٠بتغير قليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو ته اڳ وارا ماڻهو رمضان جي مهيني جا حقيقي معني ۾ قدر دان هئا ۽ انهن جا ڏينهن رات نماز، تلاوتِ قرآن ۽ ٻين نيڪي جي ڪمن ۾ گذرندا هئا، تنهنڪري سُستي ڀڄايو، بُري صحبتن کان پيڇو ڇڏايو، خوابِ غفلت مان بيدار ٿيو ۽ جهٽ پٽ عبادت لاءِ تيار ٿيو، هن دفعي به گرمين جي موسم ۾ رمضان شريف اچي رهيو آهي، نفس گرمي جي شدّت کان ڊڄائيندو، روزن، تراويح ۽ ٻين عبادتن جي معاملي ۾ طرح طرح جا عذر مثال طور ڪاروباري مصروفيات وغيره ياد ڏياري سستي ڏياريندو پر ياد رکو! گرمي جي حَرارت ۽ بک ۽ اُڃ جي شِدّت جيتري قَدَر گهٽي مَحسوس ٿيندي صَبر ڪرڻ تي اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ ثواب به ايتري قَدَر گهڻو ملندو، جيئن منقول آهي، ”اَفْضَلُ الْعِبَادَاتِ اَحْمَزُهَا “يعني افضل عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت (يعني تڪليف) گهڻي آهي.“ (تفسير ڪبير،پ٢٩،المزمل،تحت الآية:١٠،٦/٦٨٥) امام شرف الدين نَوَوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا،”يعني عبادتن ۾ تڪليف ۽ خرچ زياده ٿيڻ سان ثواب ۽ فضيلت زياده ٿي ويندي آهي. (شرحنووي، مذاهب العلماء فى تحليل ...الخ، الجزء ٨، ٤ /١٥٢) حضرت سيّدنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو فرمانِ معظم آهي، ”دنيا ۾ جيڪو نيڪ عمل جيترو ڏکيو هوندو قيامت جي ڏينهن نيڪين جي پلڙي ۾ اوترو ئي وڌيڪ وزن دار ٿيندو.“ (تذڪرة الاولياء، باب يازدهم، ذڪر

www.dawateislami.net

ابراہیم بن ادھم، ص۹۵)

عاصیوں کی مغفرت کالیکر آیاہے پیام

جھوم جاؤ مجرمو! رمضاں مہِ غُفران ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جو ڪردار اسان جي لاءِ مشعلِ راهه آهي ڇوته هي حضرات خوفِ خدا جا مالڪ، نيڪين جي معاملي ۾ گهڻا حريص ۽ مدني ذهن رکڻ وارا هوندا هئا عام طور ننڍي عمر ۾ والِدَين ٻارن کي روزو نٿا رکائين، خاص ڪري جڏهن گرمين جا ڏينهن هجن ته ڪٿي طبيعت خراب نه ٿي وڃي پر اهي حضرات ته رمضان جا ايتري قدر شيدائي هوندا هئا جو ننڍي ڄمار ۾ به سخت گرمي ۾ بُک اُڃ برداشت ڪري روزو رکندا هئا ۽ پوءِ ان کي پورو ڪرڻ جو به اهتمام ڪندا هئا. هن باري ۾ هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌو ۽ پنهنجي اندر نيڪين جو حرص پيدا ڪريو.

## اعليٰ حضرت جو روزو

اعليٰ حضرت،امامِ اهلِسنت مولانا امام احمد رضاخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي روزي ڪشائي جي تقريب جو احوال بيان ڪندي مولانا سيد ايوب علي رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته رمضان مبارڪ جو مقدس مهينو آهي ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي پهرين روزي رکڻ تي تقريب آهي، ڪاشانۂ اَقدس ۾ جتي اِفطار جو بيو گهڻن قسمن جو سامان آهي. هڪ محفوظ ڪمري ۾ فيريني (هڪ قسم جي کيرٽي جيڪا کير، کنڊ ۽ چاورن جي اٽي مان ٺهندي آهي) جا پيالا به ڄمائڻ جي لاءِ رکيا ويا هئا. سج نصف النهار تي هو، نيڪ گهٽي گرمي جو وقت آهي ته حضور(يعني اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه) جا والِدِ ماجد (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه) پاڻ (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه) کي ان ڪمري ۾ وٺي وڃن ٿا ۽ دروازو بند ڪري فيريني (کير جو) هڪ پيالو ڪڍي ڏين ٿا ته ان کي کائي وٺو. پاڻ (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه) عرض ڪن ٿا: منهنجو ته روزو آهي ڪيئن کاوان؟ ارشاد ٿيو: ٻارن جو روزو اهڙو ئي هوندو آهي،

www.dawateislami.net

وٽ ڪاءُ، مون دروازو بند ڪيو آهي، ڪير ڏسڻ وارو بہ نہ آهي. پاڻ (رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه) عرض ڪن ٿا: جنهن جي حڪم سان روزو رکيو آهي، هو تہ ڏسي رهيو آهي هي ٻڌندي ئي حضور (يعني اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه) جي والدِ ماجد (رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰیعَلَيه) جي مبارڪ اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ڪمرو کولي ٻاهر اچي ويا.
(حيات اعليٰ حضرت ص ٨٧)

اس کی ہستی میں تھا عمل جوہر، سنّتِ مصطفٰے کا وہ پیکر
عالمِ دین، صاحبِ تقویٰ، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو !ٻڌو اوهان تہ اعليٰ حضرترَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ننڍپڻ کان ئي ڪيتري قدر دين دار، شريعت جا پابند، عاشقِ رمضان، خوفِ خدا رکڻ وارا هئا، يقيناً پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه تي الله تعاليٰ جو خاص فضل ۽ احسان ئي هو جو جنهن پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه کي ننڍي ڄمار ۾ بہ سخت گرمين ۾ رمضان جا روزا رکڻ ۽ ان کي پورو ڪرڻ جي همت ۽ قوت عطا فرمائي هئي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ انهن الله وارن جي نَقشِ قدم تي هلندي رمضان جو قدر ڪريون ۽ گرمي جي شدَّت کي برداشت ڪندي هڪ روزو بہ نہ ڇڏيون ڇاڪاڻ تہ جيڪو رَمَضان شريف جو روزو بنا ڪنهن شَرعي عُذر جي ڄاڻي واڻي ڇڏي ڏئي ۽ بعد ۾ سڄي عُمر روزا رکندو رهي تڏهن بہ ان ڇڏيل روزي جي فضيلت کي نٿو ماڻي سگهي، جيئن

حضرت سيدُنا ابُوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡه کان روايت آهي تہ سرڪارِ والا تبار، بِاذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جا مالِڪ ومختارصَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمفرمائن ٿا: جنهن رَمَضان ۾ هڪ ڏينهن جو روزو بِغير رُخصت ۽ بِغير مَرض جي نہ رکيو تہ سڄي زماني جو روزو بہ اُن جي قضا نٿو ٿي سگهي جيتوڻيڪ بعد ۾ رکي بہ وٺي. (بخاري،١/ ٦٣٨،حديث:١٩٣٤)

www.dawateislami.net

اهڙي طرح حضرتِ سَيدُنا جابِر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عِبْرت نشان آهي: مَنْ اَدْرَکَ رَمَضَانَ وَلَمْ يَصُمْهُ فَقَدْ شَقِیَ يعني جنهن رَمَضان جي مهيني کي ڏٺو ۽ ان جا روزا نہ رکيا هو شخص شَقِي (يعني بد بخت) آهي. (معجم الاوسط، ۶۲/۳، حديث: ۳۸۷۱)

دو جہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو
جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي تحت مکتبة المدينہ تان هر عيسوي مهيني جي آغاز ۾ وڏي معلومات تي مشتمل"ماهنامہ فيضانِ مدينہ" جاري ٿيندو آهي جنهن۾ دارُالافتا اهلسنت جي طرفان عام فهم انداز ۾ تحريري فتوي بہ شامل هوندا آهن. اچو! مئي2017 جي ماهنامہ فيضانِ مدينہ صفحي نمبر54 تي گرمين جي روزن جي حوالي سان هڪ معلوماتي فتويٰ پڙهون ٿا.

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلَام هن باري ۾ تہ رمضان المبارڪ گرمين جي موسم ۾ اچي رهيو آهي، ڇا سالانہ امتحانن جي ڪري شاگردن جو رمضان جا فرض روزا قضا ڪرڻ جائز آهي؟ ۽ جيڪي والدين ٻارن جي هن فعل سان راضي هجن يا پاڻ ڇڏائين انهن جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

هر عاقل و بالغ مسلمان تي رمضان جو روزو فرض آهي، بلا عذرِ شرعي ان کي ڇڏڻ گناه آهي ۽ سالانہ امتحان يا گرمي شرعاً فرض روزو ڇڏڻ جو قابلِ قبول عذر نہ آهن تنهنڪري بالغ شاگرد تہ بيان ڪيل عذرن جي ڪري فرض روزو ڇڏڻ سبب گنهگار ٿيندا، انهن جا والدين بہ جيڪڏهن بلا عذرِ

www.dawateislami.net

شرعي روزو ڇڏائن يا ڇڏڻ تي باوجودِ قدرت پڇا ڳاڇا نہ ڪندا تہ اهي بہ گناهگار ٿيندا.

طالبِ علم جي نابالغ هئڻ جي صورت ۾ توڙي جو انهن تي روزو فرض نہ آهي ۽ بي عذر ڇڏين تہ بہ گنهگار نہ ٿيندا پر جڏهن ست سالن جي ٻار کي روزو رکڻ جي طاقت هجي تہ والدين تي لازم آهي تہ انهن کي روزي جو حڪم ڏين، ست سال يا ان کان وڏي نابالغ ٻار کي والدين انهيءَ وقت روزو ڇڏائي سگهن ٿا جڏهن تہ روزي جي ڪري ان کي ضرر (نُقصان) جو انديشو هجي نہ تہ بلا عُذرِ شرعي ڇڏائيندا يا ان جي ڇڏڻ تي خاموش رهندا تہ واجب ترڪ ڪرڻ جي ڪري گنهگار ٿيندا. وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماهنامه فيضانِ مدينه،مئي٢٠١٧ء،ص٥٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ اهو عظيم مهينو آهي جو جنهن ۾ قرآنِ ڪريم نازل ٿيو ۽ حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مهيني جي هر رات حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ قرآنِ ڪريم جو دور ڪندا هئا، جيڪو خوش نصيب مسلمان نورِ قرآن سان فيضياب ٿيڻ ۽ اداءِ مُصطَفٰي کي اپنائڻ جي لاءِ هن مهيني ۾ ڪثرت سان تلاوتِ قرآن ۾ مشغول رهندا آهن، اللّٰہ عزّوجلّ انهن جي صدقي اسان کي بہ نصيب فرمائي _ اٰمين بجاه النبيّ الاميين ﷺ

منقول آهي تہ اللّٰہ تعاليٰ حضرتِ سيّدُنا موسیٰ ڪليم اللّٰہ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو تہ مان امتِ محمديه کي ٻہ نور عطا ڪيا آهن تہ جيئن اهي ٻن اونداهين جي نقصان کان محفوظ رهن. سيّدُنا موسیٰ ڪليم اللّٰہ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: يا اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اهي ٻہ نور ڪهڙا آهن؟ ارشاد ٿيو، ”نورِ رمضان ۽ نورِ قرآن“. سيّدُنا موسیٰ ڪليم اللّٰہ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: ٻہ

www.dawateislami.net

اونداهيون کهڙيون آهن؟ فرمايائون ”هڪ قبر جي ۽ ٻيو قيامت جي.“(دُرَّةُ النَّاصِحِين، ص٩)

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! **خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ جي انهيءَ عظيم احسان تان قربان! جو ان اسان کي **قرآن ۽ رمضان جي صورت ۾** ٻہ نور عطا کري ڇڏيا تہ جيئن قبر ۽ قيامت جون اونداهيون ختم ٿين ۽ نور ئي نور ٿي وڃي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي ٻئي نُور روزِ محشر مُسلمانن جي لاءِ بارگاهِ خداوندي ۾ سفارش ڪندا، جيئن

رحمتِ عالميان، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: روزو ۽ قرآن ٻانهي جي لاءِ قِيامت جي ڏينهن شَفاعت ڪندا. روزو عَرض ڪندو: اي ربِّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ! مون کائڻ ۽ خواهشن کان ڏينهن ۾ ان کي روڪيو، منهنجي شَفاعَت ان جي لاءِ قَبول فرماءِ . قُرآن چوندو: مون ان کي رات ۾ سمهڻ کان روڪي رکيو، منهنجي شَفاعَت ان جي لاءِ قَبول فرماءِ. ٻنهي جون شَفاعَتون قَبول ٿينديون. (مُسند احمد،٢/٥٨٦،حديث:٦٦٣٧)

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مسجد درس“

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ روزو ۽ قرآنِ پاڪ بروزِ قيامت مؤمنين جي سفارش ڪندا، تنهنڪري رمضان شريف ۾ خوش دلي سان روزن ۽ تلاوت جو اهتمام ڪرڻ جي نيت فرمايو، روزن ۽ تلاوتِ قرآن تي استقامت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدني ڪمن ۾ خُوب اِڪِتي وڌي حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مسجِد دَرس“ بہ آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مسجد درس جي برڪت سان علمِ دين جو خزانو هٿ ايندو آهي، علم دين سکڻ سيکارڻ جي فضيلت بيان ڪندي نبي مکرم،تاجدارِحرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو صُبح مسجِد ۾ نيڪي سکڻ يا سيکارڻ جي لاءِ ويو، ان جي لاءِ مڪمل حج ڪرڻ واري وانگر اَجر آهي. (الترغيب والترهيب، ١/ ٥٩) هڪ ٻي هنڌ تي ارشاد فرمايائون

www.dawateislami.net

تہ جيڪو عِلم جي ڳولها ۾ نڪتو هو واپس موٽڻ تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ آهي. (ترمذي،ابواب العلم،باب فضل طلب العلم، حديث: ۲۶۴۷،ـ۔/۱۹۱۸) بالخصوص رمضان جي مهيني ۾ مسجد درس سان گڏوگڏ " چوڪ درس" جو بہ اهتمام ڪيو وڃي ، جيتوڻيڪ رمضان المبارڪ ۾ مسجدن جي رونق وڌي ويندي آهي ،پر پوءِ بہ هڪ تعداد اهڙي هوندي آهي جيڪا مسجد جي حاضري ڪان محروم رهندي آهي ،چوڪ درس ذريعي انهن تائين بہ روزن جي دعوت پهچائي وڃي ،نماز جا فضائل ۽ برڪات ٻڌايا وڃن _ مسجد ۾ اچڻ وارن نمازين تي بہ انفرادي ڪوشش جو سلسلو جاري رکيو وڃي ، چو تہ بسا اوقات انهن ۾ بہ هڪ تعداد اهڙي هوندي آهي جيڪي صرف رمضان جي مهيني ۾ مسجدن ۾ ايندا آهن انهن کي اهڙي شفقت ۽ محبّت ڏني وڃي جو هي نہ فقط رمضِان بلڪ هميشہ جي لاءِ پڪا نمازي ۽ سنّتن جا عامل بڻجي وڃن

اچو! ترغيب طور "مسجد درس" ۾ شرڪت جي هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿاءِ جيئن

## مَعلُومات جو خَزانو

مدينةُ الاوليا (ملتان شريف) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ پنهنجي سُڌرڻ جو واقِعو ڪجھ هن طرح بَيان ڪن ٿا تہ 1995ء ۾ مان F.S.C جو طالب علم هئس. مذهبي مَعلُومات نہ هئڻ جي ڪري منهنجي دوستي هڪ بدمذهب سان ٿي، مان ان سان گڏ اٿندو ويهندو ۽ ڪائيندو پيئندو هئس، چون ٿا تہ صُحبت اَثر رکي ٿي، تنهنڪري مان بہ ان جي فاسِد عَقيدن جو شِڪار ٿيڻ لڳس. الله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي وڏي جمار بِالخَير عَطا فرمائي تہ جنهن دعوتِ اسلامي جو بنياد رکي امّتِ مُسلِمہ تي عظيم اِحسان فرمايو ۽ بي شُمار ماڻهن کي بدمذهبن کان مَحفوظ ڪيو، يقيناً جيڪڏهن دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول نہ هجي ها تہ ان بَدمَذهب جي دوستي اڄ مون کي گمراهي ۾ مبتلا ڪري ها.

مون تي الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ٿيو جو ان دوست نُما دشمن کان منهنجي جان ڇٽي وئي، سبب ڪجھ ائين ٿيو تہ اسان جي مسجِد ۾ فَيضانِ سُنّت جو دَرْس شُروع ٿيو، تہ هڪ ڏينهن منهنجي والد صاحِب فرمايو: توهان بہ دَرْس ۾ شِرڪت ڪريو تہ دَرس ۾ ويهڻ جي بَرڪت سان نہ صرف مَعلُومات جو وڏو خَزانو حاصِل ٿيندو آهي بلڪ عِلمِ دِين جي مجلِس ۾ ويهڻ جي عَظيم فضيلت ماڻڻ جي بہ سَعادت ملندي آهي تنهنڪري مان دَرس ۾ باقاعدگي سان ويهڻ شُروع ڪيو. واقعي دَرس ۾ ويهڻ جي بَرڪت سان علمِ دين جي انمول موتِين سان دامن ڀرڻ جو سنهري موقعو مليو ۽ گڏوگڏ ئي منهنجي دل ۽ دماغ کي اهڙو سڪون نصيب ٿيو جو مون وٽ بَيان ڪرڻ جي لاءِ لفظ نہ آهن. دَرسِ فيضانِ سنّت جي بَرڪت سان مان دعوتِ اسلامي تحت ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀري اِجتِماع ۾ شريڪ ٿيس. منهنجي لاءِ هي هڪ نئون ماحول هو، هر پاسي علم ۽ عمل جي ڳالهين سان مهڪيل فضائن مون کي گهڻو متاثر ڪيو. پرسوز بيان ۽ رِقّت انگيز دُعا تہ منهنجي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي، مون پنهنجي تمام گناهن کان پڪي تَوبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان بَيعَت جي بہ سَعادت حاصِل ڪري چُڪو آهيان.

سعادت ملے درسِ فیضانِ سنّت کی روزانہ دو2 مرتبہ یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان جي آمد کان پهريان اسان کي بہ اها پڪي نيت ڪرڻ گهرجي تہ اسان رمضان جو احترام ڪندي نماز روزي جي پابندي سان گڏوگڏ وڌ کان وڌ نفل عبادت ۽ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ۾ مشغول رهنداسين، ڇوتہ ٿيندو هي آهي تہ رمضان جي ابتدائي ڏينهن ۾ تہ وڏي ذوق ۽

www.dawateislami.net

شوق سان تلاوت ڪئي ويندي آهي پر بعد ۾ ڪيئي ماڻهو هن عظيم سعادت کان محروم رهجي ويندا آهن، اسان کي هن معاملي ۾ بہ پنهنجي بزرگن جي پيروي ڪندي انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ گهرجي هي حضرات ان مقدس مهيني ۾ صرف هڪ پيرو نہ بلڪ ڏينهن ۾ ڪيئي پيرا ختمِ قرآن جي سعادت حاصل ڪندا هئا، جيئن

## سَيدُنا سعد بن ابراهيم زهريرَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه جا معمولات

حضرت سيدُنا ابراهيم بن سعد زهريرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه بيان ڪن ٿا تہ منهنجي والدِ ماجد حضرت سيدُنا سعد بن ابراهيم زهريرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه رمضان المبارڪ ۾ ايڪويهين، پنجويهين، ستاويهين، اوڻتيهين جو ان وقت تائين افطار نہ ڪندا جيستائين قرآنِ ڪريم ختم نہ ڪندا هئا، مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ اُخرت جي معاملي ۾ غور وفڪر ڪندا هئا ۽ اڪثر افطار جي وقت مون کي مسڪينن کي سڏڻ جي لاءِ موڪليندا هئا تہ اهي بہ انهن سان گڏ کائن. (اللّٰہ والوں کی باتیں،۳/۲۴۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ قرآن سان محبت، ذوقِ تلاوت ۽ رمضان جي قدرداني تہ ڪو انهن الله وارن کان سکي جيڪي رمضان المبارڪ ۾ ڪثرت سان تلاوتِ قرآن جا عادي هئا، اسان کي گهرجي تہ رمضان ۾ ڪثرت سان تلاوتِ قرآن جي نيت ڪريون ۽ رب عَزَّوَجَلَّ جي هن مهمان جو احترام ڪندي خوشي خوشي هن جو استقبال ڪريون. اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن رمضان شريف جو مهينو پنهنجون بهارون لٽائيندي تشريف آڻيندو آهي تہ شيخ طريقت،امير اهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي خوشي جو انداز ڏسڻ وٽان هوندو آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيهجي جذبات جي عڪاسي هنن شعرن مان ٿئي ٿي:

www.dawateislami.net

مرحبا صَد مرحبا پھرآمدِ رمضان ہے
کھِل اٹھے مرجھائے دل تازہ ہُوا ایمان ہے
ہم گنہگاروں پہ یہ کتنا بڑا اِحسان ہے
یاخدا تُونے عطا پھرکردیا رَمضان ہے
ہر گھڑی رَحمت بھری ہے ہرطرف ہیں برکتیں
ماہِ رمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے
یاالٰہی! تو مدینے میں کبھی رمضاں دکھا
مدتوں سے دل میں یہ عطار کے ارمان ہے

ياد رهي! رمضانُ المبارڪ کي نيڪين ۾ گذارڻ ۽ ان کي **"خوش آمديد"** چوڻ جو طريقو هي بہ آهي تہ اسان هن مبارڪ مهيني ۾ بالخصوص مدني قافلن ۾ سفر جي ذريعي مسلمانن کي نيڪي جي دعوت ڏيون، بُرائي کان منع ڪريون، رمضان المبارڪ جا فضائل ٻڌائي انهن کي فرض روزو رکڻ جو مدني ذهن ڏيون، خوب خوب اِنفرادي ڪوشش ڪريون جڻ تہ اسان جي اجتماعي ۽ اِنفرادي ڪوشش سان ٿيندڙ **"اِستقبالِ رمضان"** جون اهڙيون برڪتون ظاهر ٿينديون جو هر پاسي روزن جون مدني بهارون اچي وينديون. مدني قافلي جي جدول ۾ "فيضانِ رمضان" مان مسجد ۽ چوڪ درس وغيره جو سلسلو ٿئي، ان سان بہ ڪيئي عاشقانِ رسول تائين رمضان جي فرض روزن ۽ ٻئي عبادت جي دعوت پهچندي، مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل پمفلٽ **" رمضان ۾ گناه ڪرڻ واري جو ڀيانڪ انجام"** گهر گهر تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪريو، زهي نصيب! هٿو هٿ انهن عاشقانِ رسول کي دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري شبِ قدر جي تلاش جي لاءِ پوري رمضان يا آخري عشري جي اِعتڪاف جي دعوت جو سلسلو بہ جاري رهي، بالخصوص عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ٿيڻ واري عاشقانِ رمضان جي عظيم الشان "پوري ماه رمضان جي اعتڪاف" جي دعوت کي عام ڪريو. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جي مڪي مدني آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شبِ قدر جي ڳولها جي لاءِ هڪ ڀيرو سڄي رمضانُ المُبارَڪ جو بہ اِعتِڪاف فرمايو آهي جيئن

www.dawateislami.net

## اِعتڪافِ مُصطفٰي

حضرتِ سيّدُنا ابُو سَعيد خُدري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي هڪ ڀيري سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهرين رمضان ويهين کان 20 رمضان تائين **اعتڪاف** ڪرڻ ڪانپوءِ ارشاد فرمايو: مون شبِ قدر جي ڳولا جي لاءِ رمضان جي پهرئين ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ وچين ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ مون ڪي ٻُڌايو ويو ته شبِ قدر آخري ڏهاڪي ۾ آهي تنهن ڪري توهان مان جيڪو شخص مون سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ چاهي اهو ڪري وٺي.“ (مسلم،کتاب الصیام،باب فضل لیلۃ القدر...الخ،ص۵۹۴، حدیث:۱۱۶۷)

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن هر سال نه ته زهي نصيب زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو هن اداءِ مصطفيٰ کي ادا ڪندي پوري مهيني اعتڪاف جون مدني بهارون حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اِعتِڪاف جي برڪت سان انسان نه صرف گناهن کان محفوظ رهندو آهي بلڪ اعتڪاف جي علاوه جيڪي نيڪيون مسجد کان ٻاهر رهي ڪندو هو پر اِعْتِڪاف جي حالت ۾ نٿو ڪري سگهي ته ان جي اعمال نامي ۾ اهي نيڪيون لکيون وينديون آهن، جيئن

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا. اعتڪاف جو فوري فائدو هي آهي ته هي معتڪف کي گناهن کان پري رکندو آهي ڇو ته اڪثر گناهه غيبت،ڪوڙ ۽ چغلي وغِيره ماڻهن سان ملڻ جلڻ سان ٿيندي آهي اعتڪاف وارو دنيا کان بي خبر ٿي رهندو آهي ۽ جيڪو انهن سان ملڻ ايندو آهي اهو به مسجد ۽ اعتڪاف جو لِحاظ رکندي نه ڀاڻ بريون ڳالهيون ڪندو آهي نه ڪرائيندو آهي (وڌيڪ فرمائن ٿا ته اعتڪاف ڪرڻ وارو) اعتڪاف جي ڪري جن نيڪين کان محروم رهيو جيئن قبرن جي زيارت، مسلمانن سان ملاقات، بيمار جي خيريت معلوم ڪرڻ، نماز جنازه ۾ حاضري

www.dawateislami.net

وغيره ان کي انهن سيني نيڪين جو ثواب انهي طرح ملندو آهي جيئن اهي ڪم ڪرڻ واري کي ثواب ملندو آهي. (مرآة المناجيح،۲۱۷/۳ ملتقطاًو ملخصاً)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت دنيا جي مختلف ملڪن ۽ شهرن ۾ پوري رمضان جي مهيني ۽ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف جي ترغيب ڏني ويندي آهي جنهن ۾ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ ڪان باقاعده تربيتي جدول پيش ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ مرڪزي مجلس شوريٰ جي طرف کان عطا ڪيل جدول جي مطابق اعتڪاف ڪرڻ وارن عاشقانِ رمضان جي مدني تربيت جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اجتماعي اِعتِڪاف ۾ هزارين اسلامي ڀائر معتڪف ٿي ڪري ٻين عبادتن سان گڏو گڏ علم دين حاصل ڪندا ۽ سنتن جي تربيت وٺندا آهن ۽ گهڻا ئي معتڪف رمضان المبارڪ جي اختتام تي چنڊ رات جو عاشقانِ رسول سان گڏ 1 مهينو، 12 ڏينهن ۽ 3 ڏينهن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجي ويندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ گهڻا ئي عاشقانِ رمضان هن اعتڪاف جي برڪتن ۽ مدني بهارن کي وڏيڪ سميٽڻ جي لاءِ هٿو هٿ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان گڏوگڏ مختلف ڪورسز مثلاً 12( ڏينهن جو مدني ڪورس ) اصلاحِ اعمال ڪورس ،امامت ڪورس ،فيضانِ نماز ڪورس ، امامت ڪورس وغيره) جي به سعادت حاصل ڪندا آهن .

جَلوۂ یار کی آرزو ہے اگر مدنی ماحول میں کرلو تم اِعْتِکاف
بیٹھے آقا کریں گے کرم کی نظر مدنی ماحول میں کرلو تم اِعْتِکاف
چوٹ کھا جائے گا اک نہ اک روز دل مدنی ماحول میں کرلو تم اِعْتِکاف
فَضْلِ رَبّ سے ہدایت بھی جائے گی مل مدنی ماحول میں کرلو تم اِعْتِکاف
تم کو راحت کی نعمت اگر چاہیئے مدنی ماحول میں کرلو تم اِعْتِکاف

www.dawateislami.net

بندگی کی بھی لذّت اگر چاہئے مدنی ماحول میں کرلو تم اِعْتِکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دارُالافتا اَهلسنَّت

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جتي مسلمانن جي اصلاح جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي اتي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت جي ڌوم مچائڻ جي لاءِ 200 کان وڌيڪ ملڪن ۾ ڪم و بيش103 کان وڌيڪ شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جي ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهي انهن مان هڪ اِنتهائي اَهم شُعبو **"دارُالاِفتا اهلسنَّت"** بہ آهي جامع مسجد ڪنزُالايمان، بابري چوڪ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت 15 شعبانُ المعظم ١٤٢١ هجري ۾ دارُ الافتا اهلسنَّت جو آغاز ٿيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادمِ بيان بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ 5 دارُالافتا اهلسنَّت قائم آهن، ان جي علاوه زَم زَم نگر حيدرآباد) سردار آباد (فيصل آباد)، مرڪزُ الاوليا (لاهور) ۾ 2 دارلافتاء راولپنڊي ۽ گلزارِ طيبہ (سرگوڌا) ۾ دارُالافتاء اهلسنَّت، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکويل اُمَّت جي شَرعي رَهنمائي ۾ مصروفِ عمل آهن هن شعبي سان تعلق رکڻ وارا مفتيانِ ڪرام روزاني جي تعداد ۾ سينڪڙو سوالات جاجوابات ڏيندا آهن .ان جي علاوه دارُالافتاء آئن لائن تان، انٽرنيٽ جي ذريعي هن اي ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) تي سوال پڇي سگهجن ٿا ۽ پڻ دُنيا جي ڪنهن بہ حصي کان شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هنن نمبرز تي رابطو بہ ڪري سگهجي ٿو. نمبر نوٽ فرمائي وٺو.

0300-0220113(2)0300-0220112(1)

0300-0220115(4)0300-0220114(3)

www.dawateislami.net

پاڪستاني وقت جي مُطابِق صبح 10 بجي کان شام 4 بجي تائين هنن نمبرز تي رابطو ڪري سگهجي ٿو، (منجهند جو هڪ ڪلاڪ کان ٻه بجي تائين وقفو ٿيندو آهي) جُمُعي جي ڏينهن موڪل هوندي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دعوتِ اسلامي جهڙي طرح مسلمانن ۾ نماز، تلاوت، نفل ۽ اعتڪاف جو ذوق ۽ شوق بيدار ڪندي آهي اهڙي طرح انهن الله وارن جا ڏينهن ملهائڻ ۾ به هن مدني تحريڪ جو شاندار ڪارنامو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رمضان جي آمد آمد آهي ۽ هن مهيني جي 3 تاريخ تي شهزادي ڪونين،سَيده خاتونِ جنت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ۽ انهيءَ تاريخ تي مشهور مُفَسّرِ،حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو به عُرس مُبَارَڪ آهي. اچو! انهيءَ مناسبت سان اڳ ۾ اسان سَيده خاتونِ جنت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي سيرتِ مبارڪ جون ڪجهه جهلڪيون ملاحظ ڪريون ٿا،

## سيرتِ خاتونِ جنّت جون ڪجهه جهلڪيون

**حضرت سَيدَتُنا** فاطمہ زهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا،شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڀ کان ننڍي ۽ لاڏلي شهزادي آهي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو نالو فاطمہ، لقب زهراء ۽ بتول جڏهن ته ڪنيت اُمُّ الْحَسَنَين، اُمُّ الهاد ۽ اُمّ اَبِيهَا آهي، سندن ولادت اعلانِ نبوت کان 5 سال پهريان ٿي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جنّتي عورتن جي سردار آهن، سندن شادي چوٿين خليفي حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهه الْكَرِيم سان ٿي، سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي ربّ قدير عَزَّوَجَلَّ ٽن شهزادن امامِ حسن،امامِ حسين ۽ امامِ محسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جڏهن ته ٽن (3) شهزادين سيده رقيہ، سيده زينب ۽ سيده اُم ڪلثوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ سان نوازيو هو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ڪڏهن به پنهنجي مڙس کان ڪنهن شيءِ جي فرمائش نہ ڪئي، ڪائڻ جو اُصول هي

www.dawateislami.net

هو تہ جيستائين مڙس ۽ ٻارن کي نہ کارائيندا ھيون پاڻ هڪ گرهہ بہ وات ۾ نہ وجهنديون هيون، پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہَا جي سخاوت جو عالم هي هو تہ فقرو فاقي جي ڏينهن ۾ بہ ڪنهن سوالي کي خالي نہ موٽائينديون هيون، پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہَا (بسا اوقات) سڄي رات نماز ۾ مشغول رهنديون هيون جو صبح ٿي ويندو هو. اُمُّ السَّادات،مخدومہ ڪائنات حضرت سَيِدَتُنا خاتونِ جنت رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہَا جي سيرت جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل 501 صفحن تي مشتمل ڪتاب "شانِ خاتونِ جنت" جو مطالعو فرمايو.

کیا بات رضا اس چمنستانِ کرم کی زہرا ہے کلی جس میں حسین اور حسن پھول

اچو! هاڻي مشهور مُفَسّرِقرآن،حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي بہ مختصر سِيرتِ مُبارَڪ مُلاحَظ فرمايو،

## سيرتِ مفتي احمد يار خان نعيمي جون ڪجھ جهلڪيون

**حضرت** علامہ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ 4 جُمادَي الاُوليٰ 1314هـ بمطابق پهرين مارچ 1894ء تي محلہ کيڙه بستي اوجهياني (ضلع بدايون، يوپي هند) ۾ صبحِ صادق جي بابرڪت گهڙي ۾ پيدا ٿيا. (حالاتِ زندگی ،حیات سالک ،ص۶۴ملخصاً وغیرہ) **پاڻ** رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي علم حاصل ڪرڻ جو ايتري قدر شوق هو جو گهٽي ۾ روشن بلب جي روشني ۾ مطالعو ڪندا هئا، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪامياب مدرّس(استاد )، باڪمال مفتي،بهترين مصنّف (Writer)، بي مثال مفسّر ۽ لاجواب محدث هئا، سندن درسِ قرآن ٻڌڻ جي لاءِ ماڻهو پري پري جي شهرن کان ايندا هئا، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ظهر کان بعد هڪ سيپارو تلاوت ڪندا هئا، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ بہ نمازِ باجماعت جا عاشق هئا ۽ گهر وارن کي بہ نماز جي تاڪيد ڪندا هئا، فرضن سان گڏوگڏ نفلن جا پابند ۽ دُرودِ تاج ۽ دلائلُ الخيرات جا عامل هئا، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سچا عاشقِ رسول، نعت گو شاعر، درودِ پاڪ جي

www.dawateislami.net

ڪثرت ڪرڻ وارا ۽ نهايت ساده طبيعت جا مالک هئا تفسيرِ نعيمي(11 جلدون) ۽ مرآة المناجيح(حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب"مشڪاة المصابيح" جي اردو شرح8 جلدون) اوهان جي تصنيف ۾ وڏيک مشهور آهن. (فيضانِ مفتي احمد يار خان نعيمي، ماخوذاً و ملخصاً) پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي سيرت جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو **"فيضانِ مفتي احمد يار خان نعيمي"** جو مطالعو ڪريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڪتاب **"شانِ خاتونِ جنت "** ۽ رسالو **"فيضانِ مفتي احمد يار خان نعيمي"**کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان رمضان جي مهيني کي خوش آمديد چوڻ ۽ هن مهيني ۾ نيڪين جي رغبت وڌائڻ جي حوالي سان ڪيئي مدني گل حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اسان ٻڌو تہ

- آمدِ رمضان جي موقعي تي مسلمانن کي نيڪين جي ترغيب ڏيارڻ ۽ مسجدن ۾ چراغان ڪرڻ سنتِ فاروقي آهي.
- حضورِ انور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ ۾ ڪثرت سان عبادت ڪندا هئا.
- رمضان المبارڪ ۾ نيڪين جو اجر و ثواب ڪيئي ڳڻا وڌايو ويندو آهي.
- روزو ۽ قرآن بروزِ قيامت مسلمانن جي سفارش ڪندا.
- الله وارا ننڍپڻ کان ئي سخت گرمين ۾ روزو رکندا هئا.
- بزرگانِ دين رمضان ۾ ڪيئي ڪيئي ڀيرا قرآنِ ڪريم جو ختم ڪندا هئا.

www.dawateislami.net

❖ بيان جي آخر ۾ اسان اُمُّ الْحَسَنَين حضرت سَيدَتُنا فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھا ۽ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ جو مختصر تعارف بہ ٻڌو.

اللّٰہ تعاليٰ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ اَسلافِ ڪرام رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیھِمْ اَجْمَعِین جي طفيل اسان کي بہ رمضان جي اهميت سمجهڻ ۽ هن مهيني بلڪ سڄو سال خوب خوب نيڪيون ڪرڻ جي توفيقِ نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاۃ الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ،الفصل الثانی،۱/۵۵،حدیث:۱۷۵)

ان سب مبلّغوں کے خوابوں میں اب کرم ہو آقا جو سنّتوں کی خدمت بجا رہے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## لباس جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو باني دعوتِ اسلامي،شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ جي رسالي ”163 مدني گل “ مان **لباس جا ڪجھ مدني گل** ٻڌون ٿا.

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ۞ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ اللّٰہِ چوي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط

ج٢ص٥٩حديث ٢٥٠٤) مُفسّر شهير، حکيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۾ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان کي ڏسي نہ سگهن. (مرأةالمناجيح ج1ص268) ۞ جيڪو قدرت باوجود سٺا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ابوداؤد ج۴ ص۳۲۶ حديث۴۷۷۸) ۞ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي (ڪشْفُ الاِلْتِباس فِي اسْتِحْبابِ اللِّباس،ص ۳۶) ۞ (لباس) پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (اَيضاًص۴۳) ۞ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتين ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروَردگار
سُنّتوں کی تَربِیَت کے قافِلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1] …القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] …القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net